مشتاق حسين ٽنيو

# ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جي ڪتاب "بيت"( سٽا ۽ اوسر) جو تنقيدي مطالعو

# Critical Study of Doctor Memon Abdul Majeed Sindhi's Book "Bait (Sitta aaen asar)"

**Abstract:**

The book with Title of Bait (Sitta aaen Osar) which was written by well known writer of Sindh Dr. Memon Abdul Majeed Sindhi, in January 2002, which was published by Mehran Academy Shikarpur. The book comprises on 06 Chapters and this book is very informative in which the history of Bait (Poems) has been informed Era of Arabs when they conquest the Sindh.

In this book revolution in Sindhi poetry has been informed in good manner.

In first chapter of this book reveals the formation of Poetry, the title of the chapter is "Chhand Vidiya" and in this chapter 32 ways of "Chhand" Poetry formation has been explained.

Chapter No: 2, with title "Sitta ji Osar" the changes and development is Sindhi Poetry has been explained. The chapter 03, comprises on the "Lok Shaairi" (Falk Poetry). Chapter No: 04 is about "Tareekhi Irtika", History and revolution of Sindhi Poetry. In this Chapter, the Poets of Arab, Soomra, Sama, Arghoon, Mughal, Turkhan, kalhora, Talpur and British eras Poets and their Poetry has been mentioned. Chapter 05, title "Sindh khan Bahar Ja Shaair" i.e Lasbella, Rin-kach, Jesal Meer, Bahawalpur and Bhaag Narri´s Poet and History Has been mentioned. The last Chapter of this book is with sub title "Mojooda Dour ja Shaair", in which more than 100 poets and their Profiles and History has been mentioned. This Book comprises on 592 Pages which are highly important and informative for the masses of Sindh.

هن ڪتاب ڪي جنوري 2002ع ۾ "مهراڻ اڪيڊمي" شڪارپور ڇپرايو ۽ هن جو تعداد 1100 آهي، هن ڪتاب جي شروعات ۾ مهراڻ اڪيڊميءَ جي پبليڪيشن ڊائريڪٽر غلام مصطفيٰ مشتاق ميمڻ "پنهنجي پاران" ۾ لکيو آهي ته بيت جي صورت ۾ شاعري باقاعده سومرن جي دؤر کان ملي ٿي، ان ڪري ان ئي دور کي باقاعده بيت جي شروعات جو دور چئي سگهجي ٿو، پر ڪن محققن جو خيال آهي ته بيت سومرن جي دور کان به آڳاٽو آهي ۽ جيئن ته اهو بيت سنڌيءَ جي موجوده رسم الخط کان اڳ واري تحرير ۾ لکيل آهي، تنهن ڪري ان کي نظر انداز ڪيو ويو. بهرحال ايترو چوڻ ضروري آهي ته بيت پنهنجي نوعيت ۽ دلچسپ انداز جي ڪري هر دور ۾ هر مذهب جي شاعرن ۾ مقبول رهيو آهي، ڇو ته هر قسم جي شاعري ۽ هر قسم جو خيال بيت ۾ سموئي آسانيءَ سان پيش ڪيو ويو آهي.

ڪتاب "بيت" جي تعارف ۾ پبلشر وڏيڪ لکيو آهي ته مرحوم ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ وڏي جاکوڙ، محبت ۽ عرقريزيءَ سان سنڌي بيت جي اوسر ۽ سِڌا بابت عالمانه انداز ۾ اهو سڀ ڪجهه ڏنو آهي جيڪو سنڌي ادب جو شاگرد ڇاهي ٿو.

ڪتاب "بيت" جي مهاڳ ۾ ليکڪ ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو ته واحد جي واکاڻ ۽ ان جي حبيب حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي ثنا ۽ صفت کانپوءِ پڙرو هجي ته، سنڌي نثر جي تاريخ تي جيڪڏهن نظر وجهبي ته معلوم ٿيندو ته، جيتوڻيڪ شاعريءَ جي مضمون، مقصد ۽ رجحانن ۾ ڦيرو ايندو رهيو آهي، تڏهن به هر دور جي شاعر بيت کي پنهنجي خيالن جي اظهار جو ذريعو بڻايو آهي. سومرن جي دور ۾ يا پوءِ ڳالهين جي وچ ڳاهه آٽي، ڳالهين ۽ واقعن کي اثرائتو بڻايو ويو، ان سان گڏ واقعن بيان ڪرڻ لاءِ به بيت کان ڪم ورتو ويو، انهيءَ ڪري واقعا تي بيتن جو وڏو ذخيرو وجود ۾ آيو، جڏهن ته سنڌي عالمن، مذهبي تعليم کي سولو ۽ عام بڻائڻ لاءِ سنڌي بيت جي هڪ آسان نموني (طويل بيت ڪبت) کي استعمال ڪري ڪيترائي مڪمل ۽ مفصل ڪتاب لکيا.

ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جي هن ڪتاب "بيت" ۾ 6 باب آهن.

باب پهرين ۾ "چند وديا"

باب ٻئي ۾ "سڌا جي اوسر"

باب ٽيون "لوڪ شاعري"
باب چوٿون "تاريخي ارتقا" جنهن ۾ وري ست فصل آهن
فصل پهرين ۾ قديم دور
فصل ٻيو سومرن جو دور
فصل ٽيون سما دور
فصل چوٿون ارغون، ترخان ۽ مغل دور
فصل پنجون ڪلهوڙا دور
فصل ڇهون ٽالپورن جو دور ۽
فصل ستون انگريزن جي دور تي مشتمل آهي.
باب پنجين ۾ "سنڌ کان ٻاهر جا سنڌي شاعر" جنهن جي فصل پهرين ۾ لس ٻيلي جا شاعر
فصل ٻئي ۾ ڪڇ جا شاعر
فصل ٽئين ۾ جسلمير جا شاعر
فصل چوٿين ۾ بهالپور واري علائقي جا شاعر ۽
فصل پنجين ۾ پاڳ ناڙي جي شاعرن جو ذڪر شامل آهي
آخري باب ڇهين ۾ موجوده دور جي شاعرن جو ذڪر شامل آهي.

ڪتاب بيت جي باب پهرين ۾ ليکڪ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ڇند وديا جي وصف بيان ڪندي لکيو آهي ته ڇند وديا شعر جوڙڻ جو علم آهي، جيڪو قديم زماني کان برصغير پاڪ وهند جي مختلف ٻولين جي شاعريءَ ۾ رائج هو، ڇند وديا جي لفظ معنيٰ آهي "هڪ شعري ويس" – "هڪ شاعريءَ جو ويس" – "هڪ شاعريءَ جو فن"، "هڪ شاعريءَ جي سِٽا". فني لحاظ کان شاعريءَ جي هن سِٽا کي هنديءَ ۾ "هندي پنگل" چيو ويندو آهي، جيڪو سنسڪرت جي ڇند شاستر تي مبني آهي.

ڇند جا اصول هڪ حرفي ۽ ٻه حرفي ٿيندا آهن، حرف جي اڪائي کي ڇند وديا ۾ "ماترا" چيو ويندو آهي. مثلا " ا" ۾ هڪ ماترا ۽ " آ" ۾ ٻه ماترائون آهن. ماترا کي مت، متا، ڪل ۽ ڪلا ٻه چوندا آهن. مطلب ته ماترائن يا ورنن جي ترتيب، گت (آهنگ) ۽ بت ياد شرام (وقفو) جي اصولن کي جنهن

تخليق ۾ قائم رکيو ويو هجي، ان کي “ڇند” سڏيو ويندو آهي، ليڪ ڇند جا ٻه نمونا ٻڌايا آهن.

1: ماترائي ڇند
2: ورنڪ ڇند

جنهن ڇند جي هر مصرع ۾ 32 ماترائون هجن، ان کي عام ڇند ۽ جنهن ۾ 32 کان مٿي هجن ان کي “دنڊڪ” چيو ويندو آهي. اهڙي طرح “ورنڪ ورتن” ۾26 اکرن يا ورنن تائين “عام ڇند” ۽26 کان مٿي اکرن واري کي “دنڊڪ” چيو ويندو آهي.

ليڪ ڪتاب بيت ۾ ماترائن يا اکرن ڳڻڻ جا پڻ 10 اصول لکيا آهن، جنهن ۾ پهرين نمبر تي لکيو اٿائين ته ڳنڍيل حرف کان اڳيون لگهو اکر “گرو” سمجهيو ويندو آهي، جيئن “ڏرم” ۾ “در” گرو ٿيندو ۽ “م” لگهو ليکبو. مطلب ته جيڪڏهن ٻه لگهو گڏ اچن ۽ پهريون لگهو ساڪن هجي ته اهو پهرين کي گرو“ ٻٽائي ڇڏيندو جيئن “درد” ۾ “در” کي “گرو” ليکيو ويندو.

ماترائن يا اکرن ڳڻڻ جي ٻئي اصول ۾ واضح ڪندي لکي ٿو ته جيڪڏهن ڳنڍيل حرف جو پهريون لگهو، جنهن تي زور پوندو هجي، اهو “لگهو” ئي ليکيو ويندو، مثلاً توهان (ت وهان جو) ۾ “ت” لگهو آهي.

باب پهرين ۾ ڇند جا 32 قسم ڏنا ويا آهن، جنهن ۾ ٻڌايل آهي ته ڇرن ۾ آيل حرفن جي لحاظ کان مختلف ڇندِ ٿين ٿا.

جهڙوڪ ٻه حرفي ڇند.
ٽي حرفي ڇند
چار حرفي ڇند
پنج حرفي ڇند وغيره

وري انهن ڇندن جا ٻه جدا جدا قسم ڏنا ويا آهن، جيئن ٻه حرفي ڇند:

(1) سهي ڇند
(2) ڪمل ڇند
(3) سار ڇند. چؤ حرفي ڇند:
(1) ڪاما ڇند
(2) مَندَر ڇند
(3) مرگيندڙ ڇند ۽

(4) رمن ڇند.

ٻيا ڇند: اهڙيءَ طرح ٽيٽيهه ۽ چوٽيهه کان ويندي سٺٽيهه، اٺٽيهه، اٺيتاليهه، چاليهه، ايڪيتاليهه، ٻائيتاليهه، پنجيتاليه، ستيتاليهه ۽ انيتاليهه حرفي ڇند ٻه آهن ۽ انهن جا ٻه جدا قسم آهن.

جڏهن تہ اڻ برابر (اڌ رسم) ماترائي ڇند لاءِ ليڪ لکيو آهي تہ جنهن ماترائي ڇند جي پهرين ۽ ٽين پد، ٻي ۽ چوٿين پڌ جي ماترائن جي ترتيب ۽ تعداد الڳ الڳ هڪ جهڙو هجي، ان کي اڻ برابر ماترائي ڇند چوندا آهن، انهن ۾ مشهور اڻ برابر ماترائي ڇند هي آهن.

بَروي

موهني

۽ ات برَوے-

ڪتاب "بيت" ۾ ليڪ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي دوها ڇند متعلق جاڻ ڏيندي لکي ٿو تہ هن ۾ ٻہ مصرعون ٿين، جن مان هر هڪ ۾ ٻہ پد يا چرن ٿين. پهرين يا ٽين پد کي "وِشم" (طاق) چيو ويندو آهي. جنهن ۾ 13 ماترائون آهن، ٻي ۽ چوٿين پدَ کي "سَمَ" (جفت) چيو ويندو آهي، جنهن ۾ 11 ماترائون ٿينديون آهن.

هندي دوهي جو نمونو هن ريت آهي.

8_ 88 88 _88 888 88_8_8_

چَم چَمَات چَنچل نين، بِڄَ گهونگهٽ پٽ جهين

8 _ 88 8888 88 888 _88 88__

مانو سُرَ سرِ تابِمَلَ، جَل اُڇرَتَ يگ مين

13 11

13 11

(چنچل اکيون سنهي رئي جي گهونگهٽ مان اهڙيءَ طرح چمڪن ٿيون، جهڙيءَ طرح گنگا نديءَ جي پاڻيءَ ۾ مڇين جو جوڙو)

دوهي جي هر سٽ کي "دل" چيو ويندو آهي. سنڌي شاعرن دوهي جي سٽا تہ اختيار ڪئي، پر ڇند وديا جي ايتري پابندي ناهي ڪئي، ايتري قدر جو ڪڏهن تہ دوهي جي نموني جي سنڌي بيتن ۾ 48 ماترائن کان گهٽ وڌ ماترائون بہ ٿين

ٿيون. ڇو ته ماترائون ته لڳ ڀڳ 48 آهن ۽ قافيو ٻنهي سٽن جي پويان اچي ٿو. ان هوندي ڪيترائي سنڌي بيت دوهي جو تمام سهڻو نمونو پيش ڪن ٿا.

بيت ڪتاب جي باب ٻيو جو عنوان آهي سٽا جي اوسر، جنهن ۾ ڳاهه، دودي چنيسر جي جنگ، سمنگ چارڻ ڳنان، بيت، ڏوهيڙو، مسلسل دوها، جهولڻو، ڪبت، الف اشباع، سلوڪ، وراڻ وارا بيت، ڏهر، نڙ بيت ۽ حوالا جي تشريح ٿيل آهي.

هن باب جي شروع ۾ قديم زماني کان موجوده دور تائين سنڌي بيت ملڻ، انهن جي فني جائزي ۽ سٽا جي اوسر بابت ذڪر ڪيل آهي.

**ڳاهه**: تاريخي لحاظ کان بيت جا نمونا سومرن جي دؤر کان ملڻ شروع ٿين ٿا ۽ ڳاهه سنڌي بيت جو ابتدائي نمونو آهي، لفظ ڳاهه سنڌي لفظ "ڳائڻ" مان نڪتل معلوم ٿئي ٿو. سٽا جي لحاظ کان اڪثر ڳاهون ٻن سٽن جون آهن، جن جي آخر ۾ ڪافيو اچي ٿو. ليڪ لکيو آهي ته ڳاهه تمام قديم زماني کان پڙهن، پانن ۽ ٻين سگهڙن جي زباني هلندا اچن ٿا.

انهن مان ڪي ڳاهون سنڌ جي تاريخي واقعن سان تعلق رکن ٿيون، ته ڪي وري رومانوي داستانن سان وابسته آهن. 1150ع کان 1250ع واري دور ۾ سومرن ۽ گجرن جي لڙاين ۽ صلح جي ذڪر ۽ سنڌين غيرت متعلق ذڪر ڪندي ليڪ لکي ٿو ته ڏونگر چارڻ هٿان دودي ڏانهن نياپو موڪليو ته دودي ڪاوڙ مان چارڻ کي چيو . "جيڪڏهن هيٺا ٿيا آهن ته ڪنهن ٻانهيءَ جو سڱ ڏيئي صلح ڪن."

ان تي چارڻ چيس:

جَر نہ ڪٽن ڪنگرين، راوَنہ ڳنڍيين ويڻ
گولي وجين گجرين، تہ چوندا دودي ڀيڻ

اهو ٻڌي دودو جوش ۾ اچي ويو ۽ ٻنهي پاڻرن گڏجي مقابلو ڪري ميدان ملهايو.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي "مسلسل بيت" جي صنف جو مختصر حوالو سچل سرمست جي رسالي سان منسوب ڪري ٿو، ته مسلسل بيت جي صنف ان ۾ موجود آهي، جنهن ۾ شروع ۾ هڪ يا ڏيڍ مصرع آهن، جنهن ۾

مضمون ڏانهن اشارو يا اهڃاڻ آهي، ان ڪانپوءِ بيتن جو سلسلو آهي، هر بيت ۾ گهٽ ڪري ٽي مصرعون آهن، جن جي آخر ۾ قافيو اچي ٿو.

مسلسل بيت بابت ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد وٽ ڪي بہ ٺوس حوالا يا ڳالهيون نظر ڪونہ ٿيون اچن سواءِ حضرت سچل سرمست جي رسالي جي، هن صنف ڪي وڌيڪ واضح ڪرڻ جي ضرورت آهي، ان ڪري هن صنف تي وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي.

جڏهن تہ بيت جي هڪ ٻي صنف "جهولڻو" جو حوالو بہ ڊاڪٽر صاحب صرف سچل سرمست جي ڪلام سان ئي منسوب ڪيو آهي. جهولڻو جي تاريخي پس منظر بابت ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو تہ هي صنف سنڌ کان اڳ هندوستان جي "تامل" ٻوليءَ جي شاعريءَ ۾ آهي، جنهن ۾ هن صنف جو نالو "اوشل" جنهن جي معنيٰ "جهولڻو" آهي. شاعريءَ جي صنف "سلوڪ" کي ليکڪ سامي جي شاعريءَ سان منسوب ڪندي چئي ٿو تہ سلوڪ سنسڪرت لفظ "شلوڪ" جي بگڙيل بناوت آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ آهي. "گڏ ڪرڻ يا وڏڻ". اصطلاحي معنيٰ ۾ اهڙن بيتن کي شلوڪ سڏيو ويندو آهي، جنهن ۾ چار مصرعون هجن.

پائي چين راءِ ساميءَ جو هڪ سلوڪ هي آهي.

جنهن کي رنگ لڳو،
سامي ساڌ سنگت جو،
اٿي تنهن جي گهر مان،
اوديا ڀوت ڀڳو.
ڪيائين صاف سمجهہ
سان، پڇو ۽ اڳو،
وڪٽي ڀور ڊڳو، ستہ
مليو سروپ سان.

ڪتاب بيت جو ٽيون باب "لوڪ شاعريءَ" تي لکيل آهي، جنهن ۾ ڊاڪٽر ميمڻ صاحب لولي، شاعرن جو چيل لوليون، ٽيهہ اکري، (ڏينهن، راتيون، هفتا ۽ مهينا) مناظرا، سينگار، ڏهس، ڏور، جنهن ۾ (قدرت، نبوت يا سوا لک، پنجتن

پاڪ، وليت، ٻاهر) پيڙهي، پروليون ۽ ڳجهارتون، هنر، دراهو ۽ واقعاتي بيتن تي لکيو آهي.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لوڪ شاعريءَ جي صنف لولي بابت لکي ٿو ته هن صنف ۾ مامتا جو بيان هوندو آهي، ته بزرگن ۽ ولين لاءِ عقيدت جو اظهار به هوندو آهي، وچوڙي جا ورلاپ به هوندا آهن ته محبوبن جي سونهن جي ساراهه به هوندي آهي.

بيت ڪتاب جو چوٿون باب "تاريخي ارتقا" نهايت ئي اهم باب آهي، جنهن ۾ ست فصل ڏنا ويا آهن.

فصل پهريون قديم دؤر (عرب دؤر)
فصل ٻيو- سومرن جو دور
فصل ٽيون، سما دور
فصل چوٿون ارغون، ترخان ۽ مغل دور
فصل پنجون- ڪلهوڙا دور
فصل ڇهون- ٽالپورن جو دور ۽
فصل ستون انگريزن جي دور تي مشتمل آهن.

هن ستن ئي فصلن ۾ مختصر تاريخ ۽ ان دور جي ناليوارن شاعرن ۽ سندن شاعريءَ بابت ڪافي معلومات ڏنل آهي، جيڪا مڪمل ته ناهي تنهن هوندي به ڪافي اهم آهي. ڪلهوڙا دور کي جيتوڻيڪ شاعريءَ جو سنهري دور سڏيو وڃي ٿو، پر ليڪڪ ڪلهوڙن جي حڪمرانن کي اقتدار جو لالچي ۽ شاهه عنايت شهيد جي قتل جو ذميوار پڻ ظاهر ڪيو آهي ۽ 1718ع جي ان واقعي بابت ڪي به واضح ثبوت يا حوالا ڪونه ڏنا اٿائين. ميان يار محمد ڪلهوڙي ٺٽي جي مغل گورنر جي مدد ۽ شاهه عنايت سان غداريءَ بابت ڊاڪٽر ميمڻ ڪتاب جي 146 هين صفحي تي شاهه عنايت شهيد جو هڪ بيت ڏنو آهي ته:

"ڏونگر ڏني ڏاڙهي، ڪوهه ڪتي جي پڇ"

يعني ميان يار محمد ڪلهوڙي، شاهه عنايت سان واعدو ڪري ان جي خلاف ورزي ڪئي ۽ شاهه شهيد سان دوکو ڪيو، شاهه عنايت جي شهادت ڪانپوءِ ميان يار محمد ڪلهوڙي مغل سلطنت جي رضامندي حاصل ڪئي، جنهن

ڪري ڪيس "خدا يار خان" جو خطاب مليو ۽ هن پنهنجي طاقت وڌائي سڄيءَ سنڌ تي قبضو ڪري ورتو، اهڙيءَ طرح سنڌ تي ڪلهوڙن جي خودمختيار حڪومت قائم ٿي بعد ۾ ميان يار محمد ڪلهوڙي 1719ع ۾ وفات ڪئي.

سنڌي بيت جي قديم دور (عرب دور) جو ذڪر ڪندي ميمڻ صاحب لکي ٿو ته محمد بن قاسم سنه 92هه (711ع) ۾ برهمڻ گهراڻي جي راجا ڏاهر کي شڪست ڏيئي سنڌ تي عرب حڪومت قائم ڪئي، فتح ڪانپوءِ اٽڪل سوا سؤ ورهه سنڌ دمشق ۽ پوءِ بغداد جي ماتحت رهي، محمد بن قاسم جي وفات جي ٻن سالن ڪانپوءِ سنڌ ۾ عرب حڪومت جو اثر گهٽجي ويو. عرب عالم ۽ حاڪم سنڌ جي علم ۽ ادب کان بيگانه رهيا، هنن سنڌي پنڊتن ۽ ويدن جي همت افزائي ڪئي ۽ عربيءَ سان گڏ سنڌي زبان به ترقي ڪئي، هن ئي دور ۾ سنڌيءَ ۾ قرآن شريف جو ترجمو ٿيو، جيڪو ٻي زبان ۾ قرآن شريف جو پهريون ترجمو چيو وڃي ٿو.

هن دور ۾ سنڌي بيت جي اهڃاڻ بابت ڊاڪٽر ميمڻ صاحب عربي ڪتابن جا نالا ٻڌائڻ بنا حوالا ڏيندي چئي ٿو ته، خليفي هارون رشيد جي برمڪي وزيرن جي قدر دانيءَ سبب ڪيترائي سنڌي عالم ۽ اديب عربستان پهتا ۽ پنهنجا علمي جوهر ڏيکاريائون، (انهن مان ڪنهن هڪ عالم يا اديب جو نالو ناهي ڏنو ويو) وڌيڪ لکي ٿو ته هڪ سنڌي هڪ روايت موجب فضل بن يحيٰ برمڪيءَ جي آڏو ۽ روايت موجب يحيٰ بن خالد برمڪي وزير جي سامهون هي شعر پڙهيو:

"ارهه برهه ڪنڪره- ڪراڪري مندره"
ان جي ٻي پڙهڻي هن ريت به آهي:
"ارهه امره ڪڪره، ڪي ڪره مندره"

سنڌي بيت جي ترقيءَ جي لاءِ ڊاڪٽر ميمڻ ڪلهوڙن جي دور کي ترقيءَ وارو دور ڪوٺيو آهي، لکي ٿو ته جيتوڻيڪ ارغونن جي زماني ۾ فارسي دفتري زبان هئي ۽ ساڳي اهميت ڪلهوڙن جي دور ۾ به هئي پر سنڌي عالمن سنڌ جي ماڻهن کي سنڌي زبان ۾ الف اشباع جي سٽا ۾ ديني ڪتاب تصنيف ڪري مدرسن ۽ مڪتبن ۾ پڙهائيندا رهيا، ان دور ۾ ڪيترائي باڪمال سنڌي شاعر پيدا ٿيا، جن سنڌي بيت کي فن توڙي فڪر جي لحاظ کان عروج تي پهچايو.

انهن ۾ سڀ کان پهريان ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ بکر جي شاهه عنات رضوي جو ذکر ڪري ٿو ته هي پهريون شاعر آهي جنهن جو مڪمل رسالو ملي ٿو. سندس رسالي ۾ نه رڳو بيت پر وايون به آهن، هن کان اڳ سنڌي ۾ وائي جو ڪوبه نمونو نه مليو آهي.

شاهه عنات ۽ شاهه لطيف بابت لکي ٿو ته شاهه لطيف ۽ شاهه عنات جي ڪلام جو جيڪڏهن تقابلي مطالعو ڪجي ٿو ته، شاهه لطيف جي شعر تي شاهه عنات جي ڪلام جو واضح اثر ملي ٿو.

جيئن: شاهه عنات سر ڪنيات ۾ چيو:

چنڊ تنهنجي بات، مون کي آهي من ۾
الله لڳ، عنات چئي، تون اچو منجهه رات
تن جنهن جي تات، سي ڏسي تون ڏيکار مون

ساڳي بيت جو واضح اثر شاهه لطيف جي رسالي جي سر ڪنيات ۾ هن ريت آهي.

چنڊ تنهنجي ذات، پاڙيان تان نه پرين سين
تون اچو ۾ رات، سڄڻ نت وجهرو

شاهه عنات جو رسالو- سر ڪاپائتي.

رنڍا جني رهڙيا، محبت پائي من ۾
تني سنڌي سٺ ڪي، صراف ئي سلڪن
سي ڪٽي هٺ نه وجن، ان جو گهر ويني ئي اگهيو

شاهه لطيف جي رسالي جي ساڳي سر جو بيت.

محبت پائي من ۾، رنڍا روڙيا جن
تن جو صرافن، اڻ توريو اگهائيو

هنن مثالن مان معلوم ٿيو ته شاهه لطيف شاهه عنات جي ڪلام جو ڪجهه اثر قبول ڪيو آهي، پر ان ۾ جدت ۽ انفراديت پيدا ڪئي اٿس، اهوئي سبب آهي، جو شاهه لطيف جي بيت ۾ وڌيڪ اثر انگريزي، رنگيني، رعنائي ۽ رواني نظر اچي ٿي. فصل ستين ۾ انگريز راڄ جي دور جي ذڪر ۾ ڊاڪٽر صاحب

سنڌي صورتخطيءَ جو ذڪر ڪيو آهي پر ان بابت بہ واضح ناهي تہ سنڌي صورتخطي ناهڻ ۾ انگريز سرڪار سان ڪهڙن سنڌي عالمن مدد ڪئي ۽ ڪهڙي سن ۾ صورتخطي نهي راس ٿي.

انگريز دور جي اوائل ۾ ڊاڪٽر ميمڻ صاحب سپ ڪان پهريان قادر بخش بيدل بابت لکيو آهي تہ هو باڪمال صوفي شاعر ٿي گذريو آهي ۽ هو هم اوست جو قائل آهي ۽ انا الحق جو نعرو هڻي ٿو.

قادر بخش بيدل جو بيت

هستيءَ کي همہ اوست ۾ ڪيو گم جنين
ڏنو ترت تنين، اکين شعاع شهود جو

انگريز دور جي شاعرن ۾ ٻين شاعرن جن ۾ محمد محسن بيڪس، عثمان سانگي، مخدوم امين محمد، چتو سانگي، موهن فقير، مصري شاهہ، وريل فقير، هدايت علي نجفي، سيٺ نهال چند، سيٺ اوڌو داس، حفيظ تيوٽو، نبن فقير، جمعو ٻروچ، سانوڻ فقير، مرزا قليچ بيگ، مريد مري ۽ ٻين ڪيترن ئي شاعرن جي بيتن جو ذڪر ڏنو اٿس. هن باب جي آخر ۾ تصوف جو ادبي جائزو پڻ تفصيلي ڏنو ويو آهي.

ڪتاب بيت جي باب پنجين فصل پهريون لس ٻيلي جا شاعر ۾ سنڌ کان ٻاهر جي سنڌي شاعرن سان گڏ لس ٻيلي جي شاعرن جو ذڪر، سندن شاعري، جائزو ۽ حوالا ڏنا ويا آهن. انهن شاعرن ۾ شيخ حمر، شيخ بکر، شيخ ابراهيم، شيخ، سائينداد، جنگو، ڪبير شاهہ ۽ سندس خاندان جا شاعر، احمد شاهہ، نم مگڻهار، سنيا ساٽي، مگيو براديو، وَٺُ باڪڙو، يوسف موندر ۽ ٻيا شامل آهن. فصل ٻئي ۾ ڪڇ جا شاعر آهن، جن ۾ ياڳو يان، سمنگ چارڻ هارون راجسي پوٽو، ميان جي الهڏنو، حاجي عمر ڪتي، چگو جت، رب رکيو جت جيئنداڻي، صابر درس، حاجي حسن سهتو جماراڻي، سيد علي شاهہ گوهري، مولوي حاجي احمد جت ۽ ڪاراڻي پاراڏي شامل آهن.

فصل ٽيون ۾ جيسلمير جا شاعر لکمير راڄڙ ۽ اجتو فقير راڄڙ جو ذڪر آهي. فصل چوٿون ۾ بهالپور واري علائقي جا شاعر آهن، جن ۾ چٿو پلال ۽ ملار جاگيراڻي جو ذڪر آهي.

باب پنجين جي آخري فصل پنجون ۾ پاڳ ناڙيءَ جي شاعرن رکيل شاهه ۽ چيزل شاهه جو ذڪر آهي. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي باب پنجين جي شروع ۾ لکي ٿو تہ هن باب ۾ انهن شاعرن جو احوال ڏنو ويو آهي، جيڪي سنڌ کان ٻاهر سنڌ جي ڏنگئي علائقن، جهڙوڪ: ڪڇ، راجستان، پنجاب، لس ٻيلي ۽ پاڳ ناڙيءَ ۾ ٿي گذريا آهن.

ڊاڪٽر ميمڻ صاحب هن باب ۾ ڪافي تحقيق ۽ محنت ڪري سنڌ کان ٻاهرين سنڌي شاعرن کي سهيڙيو آهي تنهن هوندي بہ مان پانيان ٿو تہ پارت جي ڏنل شاعرن کان وڌيڪ ٻيا بہ ڪيترائي نالا آهن، جيڪي ميمڻ صاحب کونہ ڏئي سگهيو آهي، ان باوجود ڊاڪٽر صاحب جي محنت قابل تعريف آهي.

بيت ڪتاب جي آخري باب ڇهين ۾ موجوده دور جي 105 شاعرن ۽ شاعرائن جو ذڪر ۽ سندن چونڊ شاعري سان گڏ 84 شاعرن جو مختصر احوال، حمد ۽ نعمت، تصوف، ديني تعليم ۽ مسلم قوميت، عام سنڌي شاعري، رومانوي داستان، سنڌي رسالن جا سر، عنوانن تي بيت، ست سرا، سنڌ ۽ سنڌي زبان، حسن وعش، فراق وصال، ڪانگل، بين الاقوامي ڳالهيون، فني سٽا، ٻولي ۽ اسلوب بيان جي جائزي سان گڏوگڏ مددي ڪتابن جا حوالا ڏنا ويا آهن.

### موجوده دور جي ڪجھ شاعرن جي شاعري

**ڪرشن راهي:**

وطن جي ليءَ جان بہ گهوري، پوءِ بہ ٿوري
سنڌين جان نہ گهوري، وطن گهوري آئيا.

وطن گهوري آئيا، هاڻ رت روئن
پنهنجا وري پسڻ ليءِ، تن جا نيڻ سِڪن
ٻيريون، کبڙ، کجيون، هت ڳولهيندي نہ ملن
ماڻهو هت بہ ٿين، پر اسان جا ڪي ٻيا

**استاد بخاري:**

الله ئي اول، الله ئي آخر
اڇرج، روز ازل، عبرت، اينگهہ ابدتي.

**آغا سليم:**

موکي چوڙيا وار، ڪارا ڪکڙ ڪيس
جُه سي اگڻ آئيا، جن جا لعل لبيس،
درد وندن جا ديس، وسنديون بوندون برهه جون.

**منشي ابراهيم:**

سڻي سَڏُ سنڌؤ جو، هٿي هليا هام
ڪاهوڙين کي ڪام، اديون انقلاب جي

**ڊاڪٽر چوئٿرام پرتا براءِ گدواڻي:**

ڪانئر جاءِ نہ آهہ ڪا، جِت سڏڙيا سڏون ڪن،
سِر سندا سانگا رکي، سي موٽيو ماڳ وڃن،
جي عاشق آزاديءَ جا، سي ثابت قدم رهن،
هيءُ اڏو آهي تن، جن ڪسڻ قبوليو قرب سان.

بيت جي ترقيءَ ۽ واڌاري جي حوالي سان ڊاڪٽر مخمور بخاري لکي ٿو تہ:

”ڪلهوڙا دؤر سنڌي شاعريءَ جو سونهري دور هو، هن دور جي اڪثر شاعري بيت، وائي ۽ ڪافيءَ جي صورت ۾ ملي ٿي، جنهن تي تصوف جو رنگ گهڻو غالب آهي، هيئيت ۽ مفهوم جي اعتبار کان بہ هن دور ۾ چيل بيت ۽ وايون وڏيڪ سگهاريون آهن. شاهہ عبداللطيف، خواجہ محمد زمان، ميان صاحبڏنو، ميون عيسو، روحل فقير، سيد بقا شاهہ ۽ عبدالرحيم گرهوڙي جو ڪلام ان ڳالهہ جو ثبوت آهي“. (1)

”بيت“ جي حوالي سان اڪبر لغاري لکي ٿو تہ: ”سومرا حڪمرانيءَ واري دور ۾ ٿورڙا بيت ٽن سٽن وارا بہ مليا آهن، جن جي پهرين سٽ دوها يا سورٺا چند واري، ٻي سٽ دوها چند واري ۽ ٽين سٽ وري سورٺا چند واري آهي، بيت جو هي ڍانچو تمام گهڻو مقبول ٿيو، شاهہ لطيف کان علاوه ٻين ڪيترن ئي شاعرن بہ هن سٽاء کي استعمال ڪيو ۽ موجوده بيت بہ هئا سٽاء مطابق آهي“.(2)

مختيار احمد ملاح سنڌي شاعريءَ جي صنف بيت جي مطالعي ۾ لکي ٿو ته: "سنڌيءَ ۾ بيت جي شروعات سومرا دور کان ٿي ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ سڀ کان پهريان بيت ڳاهه جي صورت ۾ چيا ويندا هئا. جڏهن ته بيت ۾ اڪثر ٻه مصرعون ٿينديون آهن، هر مصرع ۾ هڪ رديف ۽ ڪافيو هوندو آهي، يا رڳو ڪافيو ئي هوندو آهي ۽ هڪ بيت کي هڪ فرد به چئبو آهي". (3)

"جيتوڻيڪ بيت اڳ ئي ڪافي ترقي ڪئي هئي پر سچل سرمست ان ۾ نئون رنگ ۽ نئون حسن پيدا ڪري، منجهس جدت پيدا ڪئي، هن سسئي پنهون، نوري ڄام تماچي، مومل راڻو، هير رانجهو، عمر مارئي، سهڻي ميهار وغيره تي بيت چيا اٿس، پر عنوانن تي به بيت چيا اٿس.

جهڙوڪ: روجهن ۽ ڪانگل بابت بيت، پورب جا بيت، وحدت جا بيت ۽ حقيقت جا بيت شامل آهن". (4) ص-77

**حوالا:**


1: بخاري، مخمور، ڊاڪٽر، سچل سرمست جي شاعريءَ جو همعصر شاعرن تي اثر، سنڌي ادبي بورڊ، 2013، ص-.28
2: لغاري، اڪبر، سنڌي ادب جو مختصر جائزو، ڪنديارو روشني پبليڪيشن، 2013ع، ص-.25
3: ملاح، احمد، مختيار، سنڌي ادب تي هڪ نظر، پبلشر، نظر احمد آفتاب، ص-79.
4: سنڌي، عبدالمجيد، ميمڻ، ڊاڪٽر، سچل جو پيغام شڪارپور: مهراڻ اڪيڊمي، 2012ع، ص-77.